# پيارا وطن

سليم ڳاڙهويءَ جو اصل نالو الهورايو ولد حاجي الهہ ڏنو مهر آهي. پاڻ 15 اپريل 1925ع ۾ ڳوٺ ڳاڙهي ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو.

اسڪول ۾ پڙهڻ واري زماني کان شاعري شروع ڪيائين 1947ع کان باقاعدي موزون شاعري ڪرڻ لڳو. شاعريءَ جي سڀني صنفن ۾ لکيو اٿس. پاڻ هڪ گوشہ نشين ۽ متقي انسان هو. ڳوٺ ۾ پنهنجي باغ جي سنڀال، اپياس ۽ شعر شاعري سندس مشغلا رهيا. سندس دوستن، شاگردن ۽ پڙهندڙن جو هڪ وسيع حلقو آهي. سندس دوستن ۽ شاگردن ڳاڙهي ۾ سندس نالي پٺيان "بزمِ سليم" قائم ڪئي، جنهن وسيلي پاڻ ڪيترن ئي نون شاعرن جي فني تربيت ڪيائين. سنڌيءَ جي هن برک شاعر 10 محرم 1408هہ- 3 سيپٽمبر 1987ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي.

منهنجا وطنَ، پيارا وطنَ، اکڙين سندا تارا وطنَ،
اي دوست دل وارا وطنَ، هر جاءِ هاڪارا وطنَ!

تون ئي جياپو جانِ جو، تو سان سندم جيءَ جون جڙيون،
تو سان اَڙيو من آ سندم، اي سرس سونهارا وطنَ!

منڙا وطنَ، تنهنجي مٿان سر ساهہ سڀ گھوري ڇڏيان،
تنهنجو نہ مَٽ ڪو ديس ٻيو، محبوب موچارا وطنَ!

سُکيو سَتابو شل رهين، ڪوسو لڳي توکي نہ واءُ،
ماکيءَ ۽ مصريءَ کان مِٺا، اي جان کان پيارا وطنَ!

تنهنجي مِٽيءَ ۾ مشڪ ۽ تنهنجي هوائن ۾ هُڳاءُ،
مهراڻ جي هر موج جڻ امرت سندِي ڌارا وطنَ!

منهنجا وطنَ شل شهر ۽ سڀ ڳوٺڙا تنهنجا وسن،
رحمت سندا توتي ڪڪر ڪن خوب وسڪارا وطنَ!

منهنجا محبت جا "سليم" آهن سوين توتي سلام،
منٺار موچارا وطن، او سونهن سِڪ وارا وطنَ!

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- شاعر جان جو جياپو ڪنهن کي ٿو سڏي؟
2- شاعر ڪنهن جي مٽان سر ساهہ گهورڻ ٿو گهري؟
3- شاعر وطن لاءِ ڪهڙي دعا ٿو ڪري؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:
هاڪارا – جياپو – سرس – سونهارا – گهوري – مٽ – هُڳاءُ.

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:
دوست – ديس – ڪوسو – مٺا – گُهري.

(د) "ڙو" تصغيري پڇاڙي آهي. جيئن "ننڍو" مان "ننڍڙو" توهين تصغيري پڇاڙيءَ وارا ڪي بہ پنج لفظ لکي ڏيکاريو.